روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 18 اپريل 2023ع بمطابق 27 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 325

اسان سُپريم ڪورٽ جي حڪم تي رقم مختص ڪئي پر رقم جاري ڪرڻ جو اختيار اسان وٽ ناهي: گورنر اسٽيٽ بئنڪ

قومي اسيمبلي جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين قيصر احمد شيخ جي سربراهي ۾ ٿيو جنهن ۾ قانون واري وزير نذير تارڙ، اٽارني جنرل، ڊاڪٽر رميش ڪمار ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

پنجاب، خيبرپختونخوا ۾ عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ سُپريم ڪورٽ جا حڪم بدڻ چاهيان ٿو، ان تي ڪميٽي ميمبر برجيس طاهر ڪيس بريفنگ کان روڪي ڇڏيو: قانون وارو وزير

هاڻ سُپريم ڪورٽ آرٽيڪل 84 ۾ به پنهنجي مرضي جي ترميم ڪري ڇڏي، اسٽيٽ بئنڪ جو اليڪشن ڪرائڻ لاءِ فنڊ جاري ڪرڻ قانون جي خلاف آهي: برجيس طاهر

اسان سُپريم ڪورٽ جي حڪم تي رقم مختص ڪئي پر جاري ڪرڻ جو اختيار اسٽيٽ بئنڪ وٽ ناهي، فنڊ مختص ڪرڻ سان پئسا اڪائونٽ ۾ ئي موجود رهندا: اسٽيٽ بئنڪ جي وقتي گورنر سيما ڪامل

سُپريم ڪورٽ هدايت ڏني آهي ته فيڊرل ڪنسوليڊيٽيڊ فنڊ حڪومت جو آهي، هلندڙ سال بجيٽ ۾ اليڪشن لاءِ پئسا ناهن رکيا ويا ۽ سپيلمنٽري گرانٽ طور منظوري وٺڻ لاءِ قومي اسيمبلي مان منظوري وٺڻي پوندي

اسان قانون پٽاندڙ ٿي عملدرآمد ڪنداسين ۽ سمري وفاقي ڪابينا ڏانهن موڪلي ونديسي: ناڻي واري مملڪتي وزير عائشا غوث پاشا

اسلام آباد (م ڊ) اسٽيٽ بئنڪ جي وقتي گورنر سُپريم ڪورٽ طرفان پنجاب ۽ عام ... چونڊن لاءِ فنڊ ڏيڻ واري معاملي جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي کي آگاهه ڪندي چيو آهي ته اسان سُپريم ڪورٽ جي حڪم تي رقم مختص ڪئي پر رقم جاري ڪرڻ جو اختيار اسٽيٽ بئنڪ وٽ ناهي، فنڊ مختص ڪرڻ سان پئسا اڪائونٽ ۾ ئي موجود رهندا. قومي اسيمبلي جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وقتي گورنر اسٽيٽ بئنڪ سيما ڪامل قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهي آهي

حڪومت ۽ سپريم ڪورٽ جي 8 رڪني هم خيال بئنچ ۾ پنجاب ۾ چونڊون ڪرائڻ بابت تڪرار فيصلاتي مرحلي ۾ داخل ٿي ويو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت ۽ سپريم ڪورٽ جي 8 رڪني هم خيال بئنچ ۾ پنجاب ۾ چونڊون ڪرائڻ بابت تڪرار فيصلاتي مرحلي ۾ داخل ٿي ويو آهي. خودمختيار اداري اسٽيٽ بئنڪ کي 8 رڪني هم خيال بئنچ اڄ اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن لاءِ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آدمشماري تي سنڌ حڪومت کي خدشا آهن، وفاق کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي: شرجيل ميمڻ

عيد تي ٽرانسپورٽرز پاران وڌايل ڀاڙا آهن جيڪو به ٽرانسپورٽر اهڙو ڪم ڪندو ان خلاف ايف آءِ آر داخل ڪنداسين، بليڪ ميلنگ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين

اي وي بسن جا 2 نوان روٽس شروع ڪيا ويا آهن، سيائي هڪ بئي اي وي بس جو روٽ شروع ڪيو پيو وڃي، اهو روٽ ضلع وسطي کان شروع ٿيندو ۽ ناور تي ختم ٿيندو

سنڌ حڪومت ڪٽڪ جي امدادي قيمت 4 هزار روپيه مقرر ڪئي آهي هنن جو مقصد اهو هو ته حڪومت کي 4 هزار ۾ ڪٽڪ نه ڏني وڃي پرائيويٽ ماڻهن کي ڏني وڃي

زلمي خليل زاد تي مني لانڊرنگ جو الزام آهي، مني لانڊرنگ جي سنجيده الزامن تي آمريڪي حڪومت جاچ ڪري رهي آهي

زلمي خليل زاد هڪ لابسٽ جيان آمريڪا ۾ ويهي پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪري رهيو آهي ڪيس اهو حق ڪنهن ڏنو آهي

عمران خان ۽ زلمي خليل زاد طالبان جا حمايتي آهن. ٻئي چور ۽ ٺڳ هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي ويا آهن: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته عيد دوران جيڪڏهن ٽرانسپورٽرن عوام کان مقرر ڀاڙن کان وڌيڪ ڀاڙو ورتو ته انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪنهن کي به پنهنجي مرضي نه ڪرڻ ڏينداسين. جيڪڏهن ٽرانسپورٽرن کي ان معاملي تي خدشا آهن ته حڪومت سان رابطو ڪن. هن چيو ته عيد تي ماڻهو پنهنجن ڳوٺن ڏانهن وڃن ٿا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ سرڪار واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪندي

آزاد ڪشمير وزيراعظم جي چونڊ: پ پ ووٽ پورا هجڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي

آزاد ڪشمير جو وزيراعظم پيپلز پارٽي يا ان جي اتحادي پارٽي مان هوندو: فيصل ڪريم ڪنڍي

موجوده 52 ميمبرن مان 27 ووٽن وارو وزيراعظم بڻجي سگهندو، وزيراعظم جي چونڊ لاءِ اسان وٽ مقرر ڪيل ووٽن کان وڌيڪ آهن

ڪيترن ئي ايم ايل ايز سان رابطا ڪيا آهن، وڌيڪ رابطا جاري آهن. آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي چونڊ هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ مڪمل ٿي ويندي

مظفرآباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي پاڪستان تحريڪ انصاف جا ... وزيراعظم جو عهدو ... آزاد ڪشمير جي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪڇي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن جاري، ڌاڙيلن جا اهم نڪانا تباهه

پوليس خطرناڪ ڌاڙيل ڪوٺائي، لاڻائي مزاري گينگ جا ڏاڪ تباهه ڪري ڇڏيا

پوليس ڪني لاڻائي جي ناڪن تي به پنهنجي ڪنٽرول سنڀالي ڪيمپون قائم ڪري ورتيون

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور شهيد سنڌ پنجاب ... پوليس جي آپريشن ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سعودي عرب طرفان پاڪستان کي 2 ارب ڊالر وڌيڪ ڏنا ويا آهن: وزيراعظم

آءِ ايم ايف جي اها به شرط پوري ٿي وئي، ان جي باوجود ناڻي جي متاستا جي صورتحال تمام گهڻي نازڪ آهي: شهباز شريف

اسان موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي ڪابينه ميمبرن جون پگهارون سرنڊر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

مفتي عبدالشڪور مون کي چيو ته منهنجو پگهار کان سواءِ گذارو ممڪن ناهي

گذريل سال حج جا بهترين انتظام ٿيا جنهن جو ڪريڊٽ مفتي عبدالشڪور ڏانهن وڃي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته سعودي عرب طرفان پاڪستان کي 2 ارب ڊالر وڌيڪ ڏنا ويا آهن. ان جي باوجود ملڪ معاشي چيلنجز سان منهن ڏئي رهيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران خيالن جو اظهار ڪندي

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ 27 رمضان تي موڪل جو اعلان

ڪراچي (م ڊ) سنڌ حڪومت 27 رمضان تي صوبي جي تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت 27 رمضان 18 اپريل تي صوبي جي تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسحاق ڊار جي سعودي عرب ۾ نوازشريف سان ملاقات، ملڪي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي ڳالهيون

اڳوڻي وزيراعظم کي مسجد نبوي ۾ سخت سيڪيورٽي دوران روضھ رسول آڻدو ويو، جتي ميان نوازشريف نفل ادا ڪيا

مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف ۽ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار روضھ رسول تي پڻ حاضري ڏني

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سعودي عرب ۾ ميان نوازشريف سان ملاقات ڪئي آهي. ملاقات ۾ ملڪ جي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي مشاورت ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مديني منورا: اڳوڻو وزيراعظم نوازشريف ۽ ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار مسجد نبوي ۾ اچي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ويجهو خوفناڪ روڊ حادثو: 5 ڄڻا فوت

پاس ويجهو ٽنڊوالهيار ٽنڊو سومرو روڊ تي تيز رفتار ڪوچ موٽرسائيڪل سائيڪل مٿان چڙهي وئي

فوت ٿي ويلن ۾ خدا بخش خاصخيلي، عبدالڪريم، عبدالرحيم خاصخيلي، سڪندر خاصخيلي ۽ لال محمد خاصخيلي شامل

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ويجهو خوفناڪ ٽريفڪ حادثي ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب تيز رفتار ڪوچ موٽرسائيڪل سوارن مٿان چڙهي وئي. فوت ٿي ويلن ۾ 45 ورهين جو خدا بخش خاصخيلي، 14 ورهين جو عبدالڪريم خاصخيلي، 9 ورهين جو عبدالرحيم ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

چونڊن کان ڊنل ماڻهو مون کي قيد يا قتل ڪرڻ چاهين ٿا: عمران خان

مون کي خبر پيئي آهي ته عيد تي زمان پارڪ ۾ ٻيهر آپريشن ڪيو ويندو

اوهان آپريشن کان روڪيو هو ان باوجود پوليس گهر ۾ پيچ داهه ڪيئي

هي مون کي صرف جيل ۾ نٿا وجهڻ چاهين پر هاڻ هي مون کي قتل ڪرڻ چاهين ٿا اڳ به مون تي حملو ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته ... زمان پارڪ ۾ ٻيهر آپريشن ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

هزار مهينن کان بهتر رات: سڄي ملڪ ۾ شب قدر عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

شب قدر جي موقعي تي مسجدن ۾ ختم قرآن جي محفلن جا انتظام مڪمل ڪيا ويا

مسجدن کي رنگي برنگي بتين سان سجايو ويو، عورتون گهرن ۾، مرد مسجدن ۾ سڄي رات عبادت ۾ گذاريو

لکين مسلمانن الله رب العزت کان پنهنجن گناهن جي معافي سان گڏوگڏ ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ دعائون گهريون


شب قدر جي موقعي تي مسجد کي سينگاريو ويو آهي

لاهور (م ڊ) سڄي ملڪ ۾ ليلة القدر جي رات القدر رمضان المبارڪ جي آخري عشري جي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

منشيات جي ڌنڌي ۾ ملوث پوليس آفيسرز ۽ اهلڪارن خلاف ايڪشن

صوبائي ٽاسڪ فورس جي سفارش تي 3 ايس ايڇ اوز ۽ 6 اهلڪارن کي معطل ڪيو ويو

ايس ايڇ او بي سيڪشن دادو، ايس ايڇ او بڄاڙ، ... کي معطل ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) منشيات جي ڌنڌي ۾ ملوث ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسان ڪڏهن به ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو: شاهه محمود قريشي

خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جو فيصلو آئيني نوعيت جو آهي

90 ڏينهن ۾ چونڊون آئين جي شق آهن، اسان ان تي لچڪ نٿا ڏيکاري سگهون

ملتان (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته اسان ڪڏهن به ڳالهين کان انڪار ناهي ڪيو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: صدر عارف علوي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

فراڊ ڪيس: پي ٽي آءِ اڳواڻ علي زيدي 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

مدعي ڪيس جي پراڻي بابت ڪو به دستاويز پيش ناهي ڪيو ويو: علي زيدي جو وڪيل

2013 کان هينئر تائين ڪا به درخواست ناهي ڏني وئي، جا پوليس کي اهو اختيار آهي ته اهڙي طرح جي ڪيسز ۾ ڪيس داخل ڪري

ڪو به بينڪ چيڪ وغيره ڪجهه به مدعي طرفان پيش ناهي ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي مقامي عدالت فراڊ ڪيس ۾ تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي زيدي کي 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ منظور ڪيو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر علي زيدي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر سستو، اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 31 پئسا مهانگو ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ روپيو لاٽ بعد 289 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پارليامينٽ جو قانون سازي جو حق تسليم ناهي ڪرڻ ته اليڪشن جو مذاق به ختم ڪريو: راجا پرويز اشرف

سپريم ڪورٽ پارليامينٽ ۾ مداخلت ڪندي ته ان جون حدون ۾ رهڻ جي اورنگهيون ڏينديون

پارليامينٽ تي حملو ڪيو ويو ته پوءِ نشانو بڻجندڙ هٿ پيرن ته هٽندا، جواب الجواب ملندو

حڪومت به هٽ ڌرمي ختم ڪري، سياستدان گڏجي ويهي چونڊن تي ڳالهيون ڪن

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف چيو آهي ته پارليامينٽ ۾ مداخلت ڪندي ته ان جون حدون ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف آمريڪي خبر اداري کي انٽرويو ڏئي رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران هر سال شهيد محترمه بينظير ڀٽو هيومن رائيٽس ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي پاران هر سال شهيد محترمه بينظير ڀٽو هيومن رائيٽس ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪستان بار ڪائونسل اڄ ڪاروڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سپني کي آئين ۽ قانون جي اختيار ۾ رهي ڪم ڪرڻو پوندو: پاڪستان بار ڪائونسل ميمبر

صوبائي اسيمبلي جي ٽوڙڻ جو سوموٽو اڳ ئي وٺڻ گهرجي ها

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان بار ڪائونسل ڪاروڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسان جي ٻن اسيمبلي ميمبرن کي اغوا ڪيو ويو آهي: خواجه فاروق احمد

مون ان بابت ايس ايس پي کي به ڄاڻ ڏني آهي

پي ٽي آءِ جي ناراض ميمبرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪنداسين: آزاد ڪشمير جو نگران وزيراعظم

مظفرآباد (م ڊ) آزاد ڪشمير جي وزيراعظم جي چونڊ لاءِ چونڊ لاءِ ڏهين صورتحال ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

”سرداري نظام نامنظور“ شهيد اجمل ساوند جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف سنڌ سراپا احتجاج

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، ماجد مهيسر، مجيب ابڙو، ثناءالله ٿنڊ، آصف ميمڻ، عارف سهتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سنڌ جي اترين علائقن کي قبائلي تڪرارن، اغوا، ڪارو ڪاري جي قتل وارن واقعن تباهه ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

عوامي ورڪرز پارٽي، بي ايس آءِ ايف ۽ سول سوسائٽي گهوٽڪي طرفان پروفيسر اجمل ساوند جي ائنناڪ قتل جي خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندا) شهيد اجمل ساوند جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف ... احتجاج مهراڻ انجنيئرنگ ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

گهوٽڪي: شهيد اجمل ساوند جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

قاضي احمد مان گرٽيل معصوم ذيشان بازياب نه ٿي گهر ۾ ماتم

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد لڳ ڳوٺ ... ذيشان سولنگي ... بازياب ناهي ٿي سگهيو ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

صوبائي وزير ناصر شاهه جي صدارت هيٺ ايڇ ڊي اي جي گورننگ باڊي جو اجلاس منعقد

اختيارين وانگرايڇ ڊي اي جي سستي هائوسنگ اسڪيم کي به متعارف ڪرايو وڃي: ناصر شاهه

50 سيڪڙو کان گهٽ رقم ادا ڪندڙن جا پلاٽ منسوخ ڪيا ويندا: امڪاني ادارن وارو وزير

حيدرآباد (م ڊ) صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آدمشماري تي رڳو سنڌ حڪومت پنهنجو واضح موقف ڏنو: حافظ نعيم

جماعت اسلامي سميت ٻيون سياسي پارٽيون هن اهم مسئلي تي هيل تائين ڪجهه نه ڪري سگهيون آهن

ڪراچي سميت سڄي سنڌ جو عوام پيپلزپارٽي سان گڏ آهي: ناصر شاهه جي بيان تي رد عمل

ڪراچي (م ڊ) صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه حافظ نعيم جي بيان تي ردعمل ڏيندي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ اڳواڻ زرتاج گل کي هڪ دفعو ٻيهر اينٽي ڪرپشن طلب ڪري ورتو

زرتاج گل پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ جي منصوبن ۾ ناقص ميٽريل جو استعمال ڪرايو

زرتاج گل سرڪاري منصوبن جا ٺيڪا پنهنجن فرنٽ مينن کي ڏئي ڪروڙين رشوت وصول ڪئي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ زرتاج گل کي 19 اپريل تي ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور هاءِ ڪورٽ 1947ع کان 2001ع تائين جو توشه خانه رڪارڊ پيش ڪرڻ جو حڪم

توشه خاني جو 1947ع کان 1990ع تائين جو رڪارڊ موجود ناهي: ڊپٽي اٽارني جنرل نصر احمد

پهرين حڪم تي عمل ڪيو وڃي، اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ان دور جو رڪارڊ نه رکيو وڃي

هي رياست جا ڳالهه آهن، اهو ڏاڍي افسوس جي ڳالهه آهي ته رڪارڊ ناهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور هاءِ ڪورٽ توشه خاني جو 1947ع کان 2001ع تائين جو رڪارڊ ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب روپيه ڏيڻ وارو معاملو قومي اسيمبلي ڏانهن اماڻڻ جو فيصلو

مشاورتي اجلاس ۾ قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ ۽ واپار بابت وزير نويد قمر به شريڪ

وفاقي حڪومت فيڊرل ڪنسوليڊيٽيڊ فنڊ جي هڪ هڪ پئسي جو حساب ڪري ٿي: اعظم نذير تارڙ

ڪميٽي ميمبر برجيس طاهر قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ کي بريفنگ ڪان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن لاءِ 21 ارب رپيه ... قومي اسيمبلي جي ناڻي بابت قائم ڪميٽي جي اجلاس ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

واٽر بورڊ صارفين جي ماهوار بلن جي ادائيگي ۾ 28 اپريل تائين واڌ ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) واٽر بورڊ صارفين جي ماهوار بلن جي ادائيگي جي آخري تاريخ ۾ 28 اپريل تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪندي

سنڌ حڪومت طرفان عيد کان ٻي قيمتن ۾ ڪڻڪ 25 ايڪڙ تائين صوبي جي هارين کي ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي رقم ڏيڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت عيد کانپوءِ ... 25 ايڪڙن تائين صوبي جي هارين کي ڪڻڪ جي ٻج جي سبسڊي رقم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اتحادي حڪومت طرفان آئين جي پيڪڙي جي مذمت

پي ٽي آءِ آئين جي سپ کان وڌيڪ پيڪڙي ڪندڙ آهي: رضا رباني

اتحادي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ٻئي آئين مذاق بڻجي ويا آهي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي سينيٽ چيئرمين رضا رباني ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪشمور: ڪارنهن جي الزام هيٺ عورت ۽ مسجد جو پيش امام قتل

ڳوٺ لڏو دشتي ۾ جوابدار ٿنهن حنيف ۽ پنجاب واسي پيش امام سيف الله کي قتل ڪيو

اطلاع ملڻ تي پوليس واري هنڌ پهچي مقتولن جا لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور ويجهو جوابدار ... پيش امام کي قتل ڪري ڀڄي ويو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ايس ايڇ او مکلي اصغر علي شاهه ۽ پوليس پوسٽ جنگشاهي جي انچارج پاران ڪارروايون

ڪلانڪوٽ پرسان نئين تعمير ٿيندڙ ڊسٽرڪٽ جيل ويجهو بدنام گٽڪا فروش جي فيڪٽري تي ڇاپو

پوليس قاسم صابرو جي گٽڪا فيڪٽري تي ڇاپو هنيو ته اتي موجود ڪم ڪندڙ منشيات فروش فرار ٿي ويا

عديل حسين چانڊيو جي خاص هدايتن تي منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف سخت ڪارروايون جاري آهن: عملدار

ٺٽو(ڊ ر) ايس ايڇ او مڪلي اصغر علي شاهه ۽ پوليس پوسٽ جنگشاهي جي انچارج سب انسپيڪٽر شوڪت علي درس پوليس عملي سان گڏ گشت دوران مڪلي/ڪلانڪوٽ پرسان نئين تعمير ٿيندڙ ڊسٽرڪٽ جيل ويجهو بدنام گٽڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: پوليس پاران هٿ ڪيل منشيات جا ڍير

ڳوٺ عبدالله ڪيهر جو رهواسي نوجوان اڏيرو ٻڙاج ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو

ڳاڙهو (رپورٽر) ڳوٺ عبدالله ڪيهر جو رهواسي نوجوان لالا شيخ اڏيرو ٻڙاج ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو رپورٽ موجب ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ عبدالله ڪيهر جو رهواسي 25 سالا نوجوان لالا شيخ اڏيرو ٻڙاج تي وهنجڻ لاءِ ويو ته سنڌس پير ترڪڻ ڪري اونهي پاڻي ۾ ٻڏي ويو سندس وارثن کي اطلاع ملڻ تي ڳوتاخن ترهن ذريعي لاش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

محرابپور ۾ ڳوٺ فتح محمد ميمڻ واسي سليم ميمڻ پاران ميڊيا ٽرائيل خلاف احتجاج

امان الله ڪلهوڙو، نعمت الله ڪلهوڙو ۽ عبدالمجيد ڪلهوڙو منهنجي خلاف ميڊيا ٽرائيل ڪئي: نوجوان

ٽرائيل ۾ ڪا سچائي ۽ صداقت ناهي، نسوري ڪوڙيون خبرون هلرائي منهنجي عزت مجروع ڪئي وئي

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي ساميٽيو) ڳوٺ فتح محمد ميمڻ واسي سليم ميمڻ پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير ۾ ميڊيا ٽرائيل خلاف احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته امان الله ڪلهوڙو، نعمت الله ڪلهوڙو ۽ عبدالمجيد ڪلهوڙو منهنجي خلاف ميڊيا ٽرائيل ڪئي آهي ميڊيا ٽرائيل ۾ ڪا سچائي ۽ صداقت ناهي، نسوري ڪوڙيون خبرون هلرائي منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۽ پرپاسي علائقن ۾ رمضان ڪريم ۾ احتجاج جو سلسلو جاري، سيپڪو اختيارين ننڊ ستل

سکر يوسي نصيرآباد ۾ گذريل 6 مهينن کان بجلي جي فراهمي بند هجڻ سبب روزيدار پريشان

ڪاروهنوار سميت ڪاروباري هنوار سخت متاثر ٿي ويو آهي رهواسي سخت پريشانين جو شڪار آهن

6 مهينن کان بجلي فراهمي بند آهي بجلي جا بل ادا ڪرڻ باوجود بجلي کان محروم آهيون: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) رمضان ڪريم ۾ احتجاج جو سلسلو جاري سيپڪو اختيارين ننڊ ۾ سخت گرمي ۾ بجلي بند روزيدار بي حال سکر جي يوسي نصيرآباد ۾ گذريل 6 مهينن کان بجلي جي فراهمي بند. علائقي واسين هٿن ۾ بل کڻي سيپڪو انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي تفصيل موجب سکر جي علائقي يوسي نصيرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: يوسي نصيرآباد واسي بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور پرسان ڪوڙو ڳوٺ جي رهواسي پورهيتن پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پرسان ڪوڙو ڳوٺ جي رهواسي پورهيتن ناصر علي قلبوٽو، شفقت علي قلبوٽو، خان محمد ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان جي ذاتي ملڪيت ايراضي اٽڪل هڪ ايڪڙ 7 گهنٽا، سروي نمبر 991 ديهه ڪوڙو، ٽپو خانپور ۾ واقعي آهي. علائقي جا بااثر عطاءُ الرحمان قلبوٽو، عتيق قلبوٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪشمور ٿاڻي جي حد ڊرڪڻ بنگلو جي ڳوٺ ۾ ڪارنهن الزام هيٺ پيش امام سميت 2 قتل

ڊرڪڻ بنگلو جي ڳوٺ ۾ مبينا الزام مڙهي سهري گل زمان دشتي ننهن مسمات ش کي قتل ڪيو

جوابدار مسجد جي پيش امام سيف الله لنڊ کي بندوق جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو، ڪيس داخل نه ٿيو

جوابدار ننهن ۽ مسجد جي پيش امام کي قتل ڪري پاڻ ٿاڻي تي پيش ٿيو آهي، جاچ ڪيون پيان: پوليس

ڪشمور (رپورٽ: اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ٻٽو قتل ڪشمور ويجهو ڊرڪڻ بنگلو واري علائقي ڳوٺ لدو دشتي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ جوابدار پنهنجي ننهن ۽ پنجاب واسي مسجد جي پيش امام کي گولين جو ڪاج بڻائي ڇڏيو جوابدار گل زمان دشتي پنهنجي نوجوان ننهن حنيفان دشتي کي بندوق جون گوليون هڻي قتل ڪرڻ کانپوءِ مسجد جي پيش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

صفوران ٽائون جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جو ڇارو ڇايو ويندو: شهلا رضا

پي ايس 100 جي تڪ جي عوام ايندڙ اليڪشن جي ڀرپور نموني تياري ڪن: صوبائي وزير

ملڪ ۾ بدترين مهانگائي توڙي بيروزگاري کي صرف بلاول ڀٽو زرداري ئي ڪڍي سگهي ٿو

گئس توڙي بجلي پاڻي جي سهولت لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪري مسئلا حل ڪرايا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) وومين ڊولپمينٽ واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا پي ايس 100 ڪراچي جي علائقي ماروئڙا ڳوٺ ۾ ڪارنر گڏجاڻي ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته صفوران ٽائون جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جو چار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي: صوبائي وزير شهلا رضا تقريب ۾ ويٺل آهي

ميرپور ماٿيلو ۾ ڊي ايڇ او هيلٿ آفيس جي ملازمن جي جهيڙي بابت ڪيس جي ٻڌڻي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ڪجهه ڏينهن اڳ ڊي ايڇ او هيلٿ آفيس جي ملازمن جو پاڻ ۾ ٿيل جهيڙي جو ايڊيشن سيشن جج چيڙ برادري جي دانهن ٻڌندي ڊي ايڇ او هيلٿ جي ٽن ملازمن سميت اڳوڻي ڊي ايڇ او هيلٿ رزاق مرٿاس تي ايف آئي آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو جنهن بعد ميرپورماٿيلو ٿاڻي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

حيدرآباد اي سيڪشن پوليس پاران هاف فراءِ ڪيل نوجوان جي ڪيس جي ٻڌڻي

نوجوان مير محمد ٿهيم جي ٻن ڪيسن ۾ ايڊيشنل سيشن جج ضمانت منظور ڪري ورتي

سيني ٿاڻي تي گذريل ٽن مهينن ۾ 100 کان وڌيڪ ماڻهن کي هاف فراءِ ڪيو ويو آهي: وڪيل

جوابدار مير محمد مٿان داخل ڪيل ڪيس ڪوڙا ۽ جڙتو آهن جيڪي پاليسي ميٽر مطابق داخل ڪيا ويا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) حيدرآباد اي سيڪشن پوليس پاران جڙتو مقابلي ۾ هاف فرائي ڪيل شيخ پرڪيو جي نوجوان مير محمد ٿهيم جي ٻن ڪيسن ۾ ايڊيشنل سيشن جج 5 نمبر ۽ هڪڙي ڪيس جي سول جج اينڊ جوڊيشنل مئجسٽريٽ نمبر 7 ضمانت منظور ڪري ورتي آهي.... جوابدار مير محمد ٿهيم جي وڪيل ايڊووڪيٽ عباس علي ٿهيم عدالت کي ٻڌايو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز پرسان يوسي ڪاهي ممڻ جي ورڪنگ ڪاميٽي، سپر ڪاميٽي پاران افطار پارٽي

ميڊيڪل ڪاميٽي جي مان ۾ ڳوٺ الهڏتو راڄپر ۾ سماجي اڳواڻ ساجن علي راڄپر پاران افطار منعقد

اعجاز ممنائي ايڊووڪيٽ امر امتياز حسين، دبيرالحسن لاڙڪ، گل حيدر لاڙڪ، ارشاد علي لوهاچ شريڪ ٿيا

محمد يوسف حسيني سميت ڳوٺ مصري پاتو، پير غلام حسين، هني واهڻ، رڪيل سولنگي ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) يوسي ڪاهي ممڻ جي ورڪنگ ڪاميٽي، سپر ڪاميٽي ۽ ميڊيڪل ڪاميٽي جي مان ۾ ڳوٺ الهڏتو راڄپر ۾ سماجي اڳواڻ ساجن علي راڄپر پاران افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سماجي رهنما اعجاز ممنائي، ايڊووڪيٽ امر امتياز حسين، دبيرالحسن لاڙڪ، گل حيدر لاڙڪ، ارشاد علي لوهاچ، نصيراحمد پنيرو، انور علي سولنگي چيزوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: ڳوٺ الهڏتو راڄپر ۾ سماجي اڳواڻن جي مان ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

ميرپور ماٿيلو جي سنڌو گرين سٽي مان واپاري جي دڪان تان 15 لک روپيه ڦر

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: سنڌو گرين سٽي ميرپور ماٿيلو مان هندو سيٺ جواهر لعل جي دوڪان مان سني ڪمار کان 15 لک روپيه ڦر، 4 هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي هندو سيٺ جي دوڪان ۾ گهڙي 15 لک روپيه ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ميرپور ماٿيلو پوليس کي اطلاع، پوليس پهچي هٿياربندن جو پيڇو ڪيو ۾ هٿياربند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

لا آرڊر جي صورتحال خراب آهي، هٿ سان خراب ڪرڻ وارو ماحول پيدا ڪيو وڃي ٿو: شهريار خان مهر

پوليس ۾ ڪافي دلير ۽ بهادر پوليس آفيسر آهن انهن کي سهولتون ڏنيون وڃن، ڏوهاري سرعام گهمن پيا

پوليس آپريشن ڪندي اڌپوريون سهولتون هجڻ سان آپريشن مڪمل نه ٿيندو اوهان پوليس کي هٿ سان مارايو پيا

جي ڊي اي ايم پي اي محمد شهريار خان مهر شڪارپور پريس ڪلب پهچي ويو، سينيئر صحافي سلطان رند سان تعزيت

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) جي ڊي اي ايم پي اي محمد شهريار خان مهر شڪارپور پريس ڪلب پهچي سينيئر صحافي سلطان رند سان سندس جي والد جي وفات تي تعزيت ڪئي، ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي شهريار خان مهر چيو ته سنڌ اندر لاڻين آرڊر جي صورتحال خراب آهي سنڌ سرڪار جي دلچسپي ناهي سنڌ ۾ امن امان ڪرائڻ لاءِ 15 سالن کان هڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي جي اسلام پور محلي وارڊ نمبر 03 مان ٻارڙي کي اغوا ڪري زنا جي ڪوشش

ڳوٺ شاهه محمد مگسي جي رهواسي جنوني ڏوهاري نوجوان علي نواز ولد لڪاڏنو سوگهو

جوابدار علي نواز مگسي معصوم ٻارڙي احسن علي شاهه سان ڏاڍائي ڪرڻ جو اعتراف ڪري ورتو

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي شهر جي اسلام پور محلي وارڊ نمبر 03 مان ننڍڙي ٻارڙن کي اغوا ڪري زنا ڪرڻ جي ڪوشش دوران شهرين هٿان پڪڙيل مڪلي جي ڳوٺ شاهه محمد منگسي جي رهواسي جنوني ڏوهاري نوجوان علي نواز ولد لڪاڏنو منگسي کي ٺٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

غوثپور ۾ واپاري پاران ڪڻڪ جون هزارين مڻ ٻورين اسٽاڪ ڪرڻ جو انڪشاف

ٽريشر لڳڻ باوجود واپاري زميندارن کان وڌيڪ اگهه تي وٺي ذخيرو ڪرڻ ۾ رڌل آهن

ذخيرو ڪيل گدامن تي ڇاپا هڻي مناسب اگهه تي ڪڻڪ ڏياري ڳڻتي ختم ڪئي وڃي

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر ۾ هندو واپاري ديپڪ ڪمار پاران ڪڻڪ جون هزارين مڻ ٻورين اسٽاڪ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي شهر ۽ پرپاسي ۾ ڪڻڪ اٿلپ ٿي ويئي آهي ٻئي پاسي عوام دانهيندي ٻڌايو آهي ته/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

غوثپور: واپاري ڪڻڪ گودام لڪائي رهيا آهن

ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد صفورا ڳوٺ ۾ پوليس وردي ۾ ملبوس هٿياربندن پاران ڦرلٽ

صفورا ڳوٺ ڪريم ۾ گاڏي هلائيندڙ تنوير احمد کي سواري جي لاءِ فون ڪري گهرايو ويو

ڪار ڦرڻ واقعي جي سچل ٿاڻي تي اين سي درج ڪئي وئي آهي، جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد صفورا گوٺ ۾ پوليس وردي ۾ ملبوس هٿياربندن ڪريم ۾ گاڏي هلائيندڙ تنوير احمد کي سواري جي لاءِ فون ڪري گهرايو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

تحريڪ انصاف ٺٽي جي ڪارڪنن پاران علي زيدي جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

علي زيدي جي گرفتاري خلاف شاهجهان مسجد چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جاويد لطيف ميمڻ، پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي نائب صدر جي اڳواڻي ۾ ريلي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي اڳواڻي سينيئر نائب صدر سيد امجد شاهه جي قيادت ۾ اڄ پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر علي زيدي جي گرفتاري خلاف شاهجهان مسجد چوڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر انتظاميا شهر ۾ ٽريفڪ قانوني تي عملدرآمد ڪرائڻ ۾ ناڪام

سکر انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن طرفان ڪيل اعلان بي سود ثابت ٿيڻ لڳا آهن

مختلف پرائيوٽ هنڌن تي گارڊن ۽ ريزرو پوليس جي اهلڪارن کي تعينات ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر انتظاميا شهر ۾ ٽريفڪ قانوني تي عملدرآمد ڪرائڻ ۾ ناڪام. ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اختيارين کان معاملي جو نوٽيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: روڊ تي غيرقانوني طور رڪشا بيٺل آهي

سرحد ۾ مهانگائي جو جن بيقابو، واپاري شهرين کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا

اي سي جا دوڪانن تي ڇاپا وڌيڪ اگهه وٺندڙ ۽ من مانيون ڪندڙ دڪاندارن مٿان ڏنڊ

اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي امتياز محسن، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر گهوٽڪي ڇاپا هنيا

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد ۾ مهانگائي جو جن بيقابو، واپاري شهرين کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا. اي سي جا دوڪانن تي ڇاپا وڌيڪ اگهه وٺندڙ ۽ من مانيون ڪندڙ دڪاندارن مٿان ڏنڊ. سرڪاري اگهه تي عمل نه ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بخشاپور لڳ ڊومڪي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل 5 ڄڻن جي جنازه نماز ادا

مارجي ويل ڏٽي بخش ڊومڪي برڪت ڊومڪي پير بخش ڊومڪي ۽ ٻين جي نماز ٿي

جنازه نماز ۾ ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، مڙهه پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: امداد بنگوار) بخشاپور لڳ ڊومڪي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل 5 ڄڻن جي جنازه نماز ادا ڪئي وئي، بخشاپور ٿاڻي جي حد اندر ڊومڪي برادري جي ٻدائي پاڙي ۽ قلوائي پاڙي ۾ جهيڙي دوران مارجي ويل ڏٽي بخش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڌڪوٽ: ڊومڪي برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويلن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڳمبٽ پوليس پاران مبينہ مقابلي ۾ ڏوهاري کي زخمي ڪرڻ بعد گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پوليس مبينه مقابلي ۾ هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي

سڃاڻپ شڪارپور جي ميان جي ڳوٺ واسي ڪمال الدين ٽانوري پٽ فيض محمد طور ٿي آهي

ڳمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) ڳمبٽ پوليس پاران مبينه مقابلي ۾ هڪ ڏوهاري کي زخمي ڪرڻ بعد گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ، ساٿي فرار، خبر موجب ڳمبٽ پوليس گذريل رات دير سان مبينه مقابلي ۾ هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سرحد شهر مان ڏينهن ڏٺي جو دڪان تان روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر

پنهنجي دڪان تي ويٺل محمد عثمان شاهه کان ٻٽ ٻڌل 2 جوابدار ڦر ڪري ويا

جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ ڦريل روڪ رقم واپس ڪرائي ويندي: پوليس

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد شهر مان ڏينهن ڏٺي جو دڪان تان روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر پوليس خاموش تماشائي بڻيل رپورٽ موجب سرحد شهر جي محمد شاهه روڊ سان صبح سوير ڪڻڪ جي خريداري لاءِ پنهنجي دڪان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران ڪپڙا تقسيم

مگريو پاران سول اسپتال نوشهرو فيروز جي هڪ گريڊ کان چار گريڊ تائين جي ملازمن

سعيد احمد جلباڻي، ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي، پوليس سرجن ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر شريڪ

نوشهروفيروز(ڊ ر) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران سول اسپتال نوشهرو فيروز جي هڪ گريڊ کان چار گريڊ تائين جي ملازمن ۽ خانگي ملازمن ۽ پوليس فورس جي جوانن ۾ عيد جا ڪپڙا ورهايا ويا ان موقعي تي AMSڊاڪٽر سعيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: سول سرجن ڊاڪٽر خادم مگريو ملازمن ۾ ڪپڙا ورهائي رهيو آهي

روڊن تي اربين روپيا خرچ ڪرڻ باوجود روڊن جي ساڳئي حالت خراب آهي: گورنر

روڊ ٽٽل هجڻ سبب شهري توڙي ٽرانسپورٽر سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن

شهر قائد جي ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

گورنر هائوس ۾ هر عام ماڻهو لاءِ عيد ملن پارٽي سان گڏ ماني جو پڻ اهتمام ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهوار) ڪراچي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري اسڪيم 33 گلزار هجري عبدالله نهاري هوٽل تي سحري ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته شهر قائد جي روڊن تي اربين روپيا خرچ ڪرڻ باوجود روڊن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

دادو ۾ لنڊ برادري جي معزز شخصيت جي فرزند پاران افطار ڊنر جو پروگرام منعقد

دادو(رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ نمبر 23 تان پ پ پ جي ٽڪيٽ تان بلدياتي اليڪشن جي ٻئي مرحلي ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ ڪائونسلر وقار علي لنڊ ۽ لنڊ برادري جي معزز شخصيت پروفيسر جيوڻ خان لنڊ جي پڳدار پٽ انجنيئر نظير احمد لنڊ طرفان چانڊو شاهه آباد ۾ افطار ڊنر جو پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

رمضان جي مهيني ۾ دلين مان نفرت ۽ بغض کي ختم ڪرڻ گهرجي: غلام محمد ميمڻ

پنهنجي دلين مان نفرت ۽ بغض کي ختم ڪري انهن کي ايمان جي نور سان ڀريون: محمد اشرف جتوئي

بهترين رحمت، برڪت، عظمت ۽ صبر واري مهيني ۾ سفيد پوش ماڻهن کي نه وساريو: محمد اقبال سوهو

سکر (رپورٽر) جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل، عهديدارن جي سينيئر نائب صدر محمد اشرف جتوئي، فنانس سيڪريٽري محمد اقبال سوهو دوري تي سکر پهتا ان موقعي تي خليفو محمود علي ميمڻ، آصف راجپوت، خليفو حسيب احمد راهوجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مانجهند ۾ ايس يو پي سربراهه جلال محمود شاهه پاران ديدار حسين ميمڻ جي وارثن سان تعزيت

وارثن حاجي محمد صديق ميمڻ ارسلان ديدار ميمڻ خادم حسين ميمڻ سان تعزيت جو اظهار ڪيو

ديدار حسين جي بي وقتائتي موت سبب علائقي ۾ سماجي خدمت جو خال پيدا ٿيو آهي: سربراهه جلال محمود

خدمت جو خال پيدا ٿيو جيڪو پرجي سگهندو ڏک جي گهڙي ۾ خاندان سان برابر جو شريڪ آهيان: ڳالهيون

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ ايس يو پي سربراهه سيد جلال محمود شاهه مانجهند جي سماج سڌارڪ ايس يو پي ڪارڪن ديدار حسين ميمڻ جي وارثن حاجي محمد صديق ميمڻ ارسلان ديدار ميمڻ خادم حسين ميمڻ فقير اعجاز ميمڻ فدا حسين ميمڻ سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي سيد جلال محمود شاهه چيو ت ديدار حسين اسانجو وفادار ۽ سچو ساٿي هو سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مانجهند: ايس يو پي سربراهه سيد جلال محمود شاهه سماجي اڳواڻ ديدار ميمڻ جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

پ ٽ الف تعلق جوهي پاران اپگريڊيشن نون استادن جي پگهارن لاءِ احتجاج

جوهي (رپورٽر) پ ٽ الف تعلق جوهي پاران اپگريڊيشن نون استادن جي پگهار سيڪنڊ فيز استادن جي ڊيٽابيس ناجائز بلدلين ۽ ٻين جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پ ٽ الف تعلق جوهي جي ڏنل احتجاجي سڏ تي استادن جي حمايت ۾ مختلف سياسي سماجي سوشل ورڪر ۽ استادن احتجاجن هٿن ۾ بينر پلي ڪارڊ کڻي پ ٽ الف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سرحد موٽروي پوليس ٽريفڪ ضابطن تي عملدرآمد لاءِ مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو

ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن مٿان هزارين رپين جا ڏنڊ وڌا ويا آهن: ڊي ايس پي فيض الله جتوئي

ايس پي او ڪاشف امين ۽ جي نگراني ۾ ٽريفڪ ضابطن تي عمل ڪرائڻ جي لاءِ مهم جو آغاز ڪيو ويو

اوور لوڊنگ سميت سموري قانوني ڀڃڪڙين کان پاسو ڪن ته جيئن محفوظ سفر کي يقيني بڻايو وڃي

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) موٽروي پوليس پاران ٽريفڪ ضابطن تي عملدرآمد لاءِ مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو. ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن مٿان هزارين رپين جا ڏنڊ وڌا ويا. قانون تي عمل ڪريو ڪنهن به پريشاني جي صورت ۾ 130 تي ڪال ڪريو (ڊي ايس پي فيض الله جتوئي). تفصيل موجب موٽروي پوليس ايم پنج بيٽ 29 گهوٽڪي پاران اءِ جي موٽروي پوليس سلطان علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سنڌ جي لاڙ واري ساحلي پٽي جي پروري شهر ڏڙو ۾ عيد ويجهو اچڻ باوجود خريداري نه ٿي

بدترين مهانگائي سبب شهر جي مُک ريشم بازار سميت ٻيا ڪاروباري مرڪز خريدارن کان خالي

پورهيت طبقو عيد خريداري کان محروم. وڏندڙ سخت گير مهانگائي سبب ڏڙو جو عوام سخت پريشان

فوري طور تي عوام کي عيد تي خصوصي طور. سبسڊي ڏني جيئڻ جو حق ڏنو وڃي: ساڄاهه ونڊن جون ڳالهيون

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) سنڌ جي لاڙ واري ساحلي پٽي جي پرواري شهر ڏڙو ۾ عيد ويجهو اچڻ باوجود وڏندڙ بدترين مهانگائي سبب شهر جي مک ريشم بازار سميت ٻيا ڪاروباري مرڪز خريدارن کان خالي. واپاري سخت پريشان. ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڏڙو: مهانگائي سبب بازار ويران نظر اچي رهيون آهن، ٻئي طرف واپاري ميڊيا سان ڳالهائيندي

عيدالفطر جي موڪل دوران سنڌ جو قديم ماڳ موهن جو دڙو جا قديم آثار بند

ڏوڪري (رپورٽر) عيدالفطر جي سرڪاري موڪلن دوران سنڌ جو قديم ماڳ موهن جو دڙو جا قديم آثار بند رهندا. جڏهن ته ميوزيم ۽ پارڪون عام ماڻهن لاءِ کليل رهنديون. نوٽيفڪيشن جاري. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ارڪيالاجي فتاح شيخ ٻڌايو ته عيد جي موڪلن دوران سڄي سنڌ مان هزارين جي تعداد ۾ ماڻهو ماڳ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ضلعي اوير ۾ ٽريفڪ رضاڪارن جي مقرري بهترين قدم ثابت ٿيو آهي: سيد شڪيل احمد

رضاڪار مقرر هئڻ سان گڏ هن وقت رضاڪارن کي اهم ڪمرشل مرڪزن تي به مقرر ڪيو ويو آهي

ڊي ايم سي ايسٽ شهرين کي پريشاني کان بچائڻ لاءِ هر ممڪن حد تائين پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي

جيئن سڄي رمضان ۾ ٽريفڪ جي رواني کي رکيو ويو آهي، تيئن آخري ڏهاڙن ۾ به ٽريفڪ کي روان رکيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد چيو آهي ته ضلعي اوير ۾ ٽريفڪ رضاڪارن جي مقرري بهترين قدم ثابت ٿيو آهي. عوام طرفان ان عمل کي پذيرائي ملي آهي. اوير ضلعي ۾ 21 هنڌن تي رضاڪار مقرر هئڻ سان گڏ هن وقت رضاڪارن کي اهم ڪمرشل مرڪزن تي به مقرر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ طارق روڊ، بهادر آباد شامل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي ڪان ڳمبٽ ايندڙن جي ڪار سان نوري آباد ۾ حادثو، عورت فوت، 5 زخمي

ڳوٺ غلام جعفر جامڙو جي رهواسين جي ڪار جو نوري آباد ۾ ٽرڪ سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ هڪ عورت اشرف خاتون ٽڏي تي فوت ٿي وئي ۽ پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا

فوتي عورت جو مڙهه تعلقه ٽاڻي بولا خان اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ڳمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) ڪراچي کان ڳمبٽ ايندڙن جي ڪار سان نوري آباد ۾ حادثو، ڳوٺ غلام جعفر جامڙو جي رهواسڻ عورت فوت، پنج ڄڻا زخمي. خبر موجب ڪراچي کان ڳمبٽ واپس ايندي ڳمبٽ لڳ ڳوٺ غلام جعفر جامڙو جي رهواسين جي ڪار جو نوري آباد ۾ ٽرڪ سان ٽڪر ٿي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت اشرف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڳمبٽ: ڳوٺ غلام جعفر جامڙو واسين ٿيل حادثي جو ڏيک

نواب شاهه ۾ شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس، پراپرٽي ٽيڪس تي ڳالهيون

نواب شاهه (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ پراپرٽي ٽيڪس لوڪل ڪائونسلن ذريعي وصول ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ اجلاس اڄ سنڌس آفيس ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

حڪومت جي انساني حقن واري کاتي پاران محترمه بينظير ڀٽو هيومن رائيٽس ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان

تحفظ ۽ هٿي وٺرائڻ لاءِ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ انساني حقن جي ڪارڪنن ۽ فردن کي ڏنو ويندو

اسلامي دنيا جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو سان منسوب ڪيو ويو آهي: عملدار

بينظير ڀٽو سڄي زندگي انساني حقن جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ پنهنجي شهادت کانپوءِ به هڪ اهڙو ورثو ڇڏيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي پاران هر سال شهيد محترمه بينظير ڀٽو هيومن رائيٽس ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي، جيڪو صوبي ۾ شهرين توڙي سماج جي ڌتڙيل ۽ نظرانداز ٿيل طبقن ۽ گروهن جي حقن سميت انساني حقن جي تحفظ ۽ هٿي وٺرائڻ لاءِ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ انساني حقن جي ڪارڪنن ۽ فردن کي ڏنو ويندو. پهرين ايوارڊ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 18 اپريل 2023ع

حڪمرانن طرفان عوام کي ڏنل 'عيد جو تحفو'

حڪمرانن جي عوام سان اينٽري ته الفت آهي، جو انهن جو وس پڄي ته اهي عوام جي ساهه کڻڻ تي به ٽيڪس لڳائي ڇڏين! پر ان جي باوجود اهي وسان نٿا گهٽائين. انهن شديد مهانگائيءَ جي وسيلي عوام جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪري انهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. مهانگائيءَ کي ڪو فل اسٽاپ ڪونهي. گهٽتو ڪري اهي اهو سڀ ڪجهه آءِ ايم ايف جي راءِ کي ريجهائڻ لاءِ پيا ڪن. اڃان اهي عالمي مالياتي اداري جي هڪ فرمائش پوري ڪري ساهي به نٿا کڻن ته بي ان ڪان به سخت فرمائش جي پلي انهن جي ڳوٺريءَ مان نڪريو اچي ۽ اهي ان جي فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ وري ڪنهن معاشي بار جي ڀاري لت عوام تي ڏيو ڇڏين. ڪڏهن گئس جي قيمت وڌايو ڇڏين ته ڪڏهن وري تيل ۽ بجليءَ جي اگهه ۾ اضافو ڪريو ڇڏين. هن ڀيري وري پيٽرول جي قيمت ۾ 10 روپيا في ليٽر جي حساب سان واڌ ڪئي وئي آهي. پيٽرول جو في ليٽر اگهه 272 روپين کان 282 روپيا ٿي ويو آهي. جيڪو عيد کان اڳ حڪمرانن طرفان عوام کي ڏنل تحفو آهي.

هونئن ته مهانگائيءَ جي موسم سڄو سال چانيل رهي ٿي پر رمضان المبارڪ ۾ مهانگائيءَ جو سونامي ايندو آهي. اها ڪنهن هڪ سال جي ڳالهه نه آهي. هر سال ائين ٿيندو آهي. واپاري ۽ دڪاندار يارنهن مهينن جو نفعو ان هڪڙي مهيني ۾ ڪڍڻ جي ڊوڙ ۾ رڌل هوندا آهن. حڪومت هيڪوٽي مهانگائي ڪندي آهي ته واپاري ۽ دڪاندار ٻيڻ تي مهانگائي ڪري عوام جو رت ست نپوڙيندا آهن ۽ حڪومت انهن عوام کي ناجائز نفعي خورن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏيندي آهي. جو ته حڪومت وٽ مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪو به مڪينزم ڪونهي. ويتر بجلي، گئس ۽ تيل جا اگهه وڌائي مهانگائيءَ کي مهميزون هڻڻ ۾ وسان نه گهٽائيندي آهي. جڏهن به انهن اسمن جون قيمتون وڌن ٿيون ته ان جو اثر هر اسم جي قيمت تي پوندو آهي. شين جي مينوفيڪچرنگ لاڳت وڌي ويندي آهي. ٽرانسپورٽيشن سميت سمورا خرچ وڌندا آهن. جو ته شين جي قيمت ۾ 'ٻارڻ' جي رقم پڻ شامل هوندي آهي. اهي ڪارخانيدار، واپاري ۽ دڪاندار وري ترڻ جو تيل ترڻ مان ڪيندا آهن. هن ملڪ جي غريب اڪثريت اڳ ۾ ئي به ويلا ماني‌ءَ لاءِ محتاج آهي.

غريب ماڻهو عيد جي لاءِ خوشين جا ٻه پل خريد ڪرڻ جي جستجو ۾ هئا ته حڪومت پيٽرول جي قيمتن ۾ وڏي واڌ ڪري، مهانگائيءَ جو طوفان آڻي انهن معمولي خوشين کي به امڪانن کان پري ڪري ڇڏيو آهي. زندگيءَ جي اذيت موت کان به سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي. شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جو غربت ۽ اٿهوند سبب ڪيل آپگهات جون خبرون ميڊيا ۾ رپورٽ نه ٿينديون هجن. حڪمران چون ٿا ته ملڪ کي بچائڻ لاءِ مشڪل فيصلا ڪرڻا پئجي رهيا آهن. پر سوال اهو آهي ته ڇا سموري ڪوٽ ۽ خسارو عوام مان پورو ڪرڻو آهي؟ ملڪ کي هن حالت ۾ ڪنهن پهچايو؟ حڪمران ٽولا هڪبئي کي محفوظ رستو ڏيئي ڪک رکي ٿا وڃن. هاڻي عوام جا مسئلا ۽ سر کٽندڙ مهانگائي هڪ پاسي، سياستدانن جي اقتدار لاءِ ميوزيڪل چيئر (راند) شروع آهي. عوام کي هر ذر صرف ۽ صرف ووٽ ڏيڻ جي مشين سمجهي ٿي، جنهن جو ڪم اقتدار جي مسند تائين پهچائڻ آهي!

اسرندڙ ملڪن کان نجڪاري، ڊائون سائيزنگ/رائيٽ سائيزنگ، لبرلائيزيشن سميت عالمي استحصالي ايجنڊا تي عمل ڪرايو پيو وڃي. معيشت سميت مختلف ميدانن ۾ حڪومتي انتظامي گرفت گهٽ ٿيندي پئي وڃي. قومي خودداري مفروضو بڻجي رهجي وئي آهي. حڪمران ووٽ ته عوام کان وٺندا آهن پر اقتدار جي مومل ماڻڻ ڪانپوءِ فرمائشون وري عالمي استحصالي ادارن جون هلنديون آهن ۽ عوام لاءِ زندگي تنگ ڪئي ويندي آهي. پيٽرول جي اگهن ۾ تازي واڌ کان اڳ به اهي انگ اکر رپورٽ ٿيا هئا ته هلندڙ سال دوران موجوده حڪومت پيٽرول مصنوعات 55 سيڪڙو ۽ بجلي 47 سيڪڙو مهانگي ڪئي. پيٽرول جو هاڻوڪو اضافو ان کان الڳ آهي. ان کان وڌيڪ ٻيو ظلم ڪهڙو ٿيندو؟ حڪمران عوام کي پلي طاقت جو سرچشمو نه سمجهن، پر ڪين اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته عوام جي ٻانهن ۾ اڃان به ڇَتَ، ۽ٽن سان هٽڻ جو ٻل موجود آهي. هن ملڪ جي غريب اڪثريت لاءِ جيئڻ جا گس بند نه ڪيا وڃن.

ملڪي سياست جون ست رنگيون

رياض ابڙو

اسان وٽ مقابلو ان ڳالهه جو ناهي ته اڳيان سياستدان جيڪا يا جهڙي تهڙي سياست ڪئي ڪري ويا يا اها پوءِ ڪيتري به صحيح هئي يا ڪيتري به غلط هئي. يا هاڻوڪا سياستدان انهن ماضيءَ جي بدتر سياست کان بهتر سياست ڪري عوام جي حقيقي خدمت ڪري ڏيکارن پر مصيبت اها آهي ته هر سياستدان اهو ٿو سمجهي ته عوام جي خدمت جيستائين هيٺين سطح تي منتقل نه ٿي ٿئي تيستائين وفاقي يا صوبائي وزيرن کان خدمت واري سياست ڪرائڻ ممڪن ناهي يا جائز يا مناسب ناهي. ان ڪري جيڪي به قومي، سينيٽ، صوبائي ۽ بلدياتي چونڊن ۾ نمائندا سوڀارا ٿين ٿا اهي سمجهن ٿا ڪم رڳو بلديات کي ڪرڻو آ باقي جيڪي مٿيان نمائندا آهن انهن جو ڪم رڳو "ڦيٿو ڪٽڻ" آ. ان ڪري سياست ڪجهي پر مناسب يا جائز طريقا به ضرور پرکيا وڃن. جنهن جي ڪري اهو فيصلو اڃان ناهي ٿي سگهيو ته عوام جو ڪم ۽ خدمت ڪير ڪندو يا سياست ڪير ڪندو. يا ڳالهه اها به آهي ته اسان وٽ ان ڳالهه جو مقابلو ضرور آهي ته ٽي وي اسڪرين تي ٽائيم ڪير گهڻو ٿو وٺي يا ميڊيا جي ڪوريج ڪنهن سياستدان کي گهڻي آ يا ڪورٽون ڪنهن جو گهڻو پاسو ٿيون کڻن يا ڪورٽون ڪنهن جي سائيڊ گهڻي ٿيون وٺن يا فوج هاڻي ڇا ٿي ڪري يا اهي سڀ اڳواڻ فوجي اسٽيبلشمينٽ جو پارو ۽ طبيعت چيڪ ٿا ڪن ته هاڻي اسٽيبلشمينٽ ڪنهن کي محبوب ٿي سڏي يا هاڻي اها ڳالهه به سمجهي سگهن ٿا ته نئون وزيراعظم بنان ڪنهن اسٽيبلشمينٽ جي آچ ۽ پسند تي ايندو. ان ڪري ته 17 وڏن برگيڊ ليول جي فوجي آفيسرن کي جيڪي گهڻي پاڳي سياست سان چنبڙيل، وچڙيل يا شامل رهندا آيا هيا اهي ويا يا ائين چوڻ به آسان ٿيندو ته ڪورٽن ۽ قانون وانگي فوج به به اڌ ٿي پئي هئي يا جيستائين باجوا هيو تيستائين فوج ۾ به به اسٽيبلشمينٽ هلنديون آيون هيون هڪڙا "پُروعمران" هيا ته ٻيا وري 13 پارٽين کي هٿائيندا آيا يا هڪڙن کي اهو يقين هيو ته جي فوجي اسٽيبلشمينٽ گرين سگنل ڏنو ته پوءِ پنجئي آڱريون گيهه ۾ آهن. ان ڪري انهن به هٿ تي هٿ رکي واري جو انتظار ڪيو. پر هاڻي فوجي اسٽيبلشمينٽ جي ان فيصلي جي روشني ۾ اها ڳالهه وري پختي ٿي وئي آهي ته هاڻي 2018 وارو دور ناهي ان ڪري عمران خان جو تازو يوٽرن به معني ٿو رکي ته هو عوام جي طاقت تي ڀاڙجي ۽ عوام هن دفعي هن سان گڏ آهي ۽ ڪجهه به ٿئي هي ڪرسي ماڻي ويندو ۽ ڪنٽينر مان جان ڇڏائيندو

يا شهبازشريف به ان ڳالهه ۾ عمران خان کان ٻه هٿ اڳتي نڪتو ان ڪري ته سياستدان اليڪشن يا پارليامان جي نوڪري کان اڳ هڪڙا هوندا آهن ته وري ڪرسي ملڻ ڪانپوءِ ٻيا رنگ ڪيئي بيهندا آهن. مڃون ٿا ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ اوگرا جا آرٽيڪل بدلائي آءِ ايم ايف جي مرضي مطابق ڪيا ويا هئا معني انهن اسٽيٽ بئينڪ وانگي اوگرا کي به خودمختيار ڪري ڇڏيو هيو ته اهي هاڻي وزيراعظم جي هڪ نه ٻڌندا يا جڏهن آءِ ايم ايف جي شرطن جي ڳالهه ايندي ته اهي 100 سيڪڙو گيس مهانگي ڪندا يا بجلي 13 سيڪڙو مهانگي ڪندا يا

پيٽرول ۽ ڊيزل تي 35 35 روپيا وڌائي ڇڏيندا يا وري پنج روپيا گهٽائي عوام تي احسان ڪندا پر ان سمريءَ تي وزيراعظم صحي به نه ڪندو يا پڇندس به نه ۽ وري جڏهن آءِ ايم ايف کان ٻي قسط جو وارو ايندو ته اهي اوگرا کي رڳو هڪ اشارو ڪندا جيڪي پيٽرول ۽ گيس جون قيمتون وڌائي ڇڏيندا ۽ حڪومت وري جڏهن اسٽيٽ بئنڪ ڏي رخ ڪندي ته اهي ماضيءَ وانگي حڪومت کي قرض ڏيندا ته اسٽيٽ بئنڪ انهن حڪومتي نمائندن جي ڳالهه ته مڃيندي پر اهي ساڳي وياج جي شرح تي حڪومت کي ڊيل ڪندا يا حڪومت جي فرمائش تي ڪڏهن به نوان نوٽ نه ڇاپيندا. ان ڪري نه جيئن ماضيءَ ۾ ٿيندو هيو ته مشرف پنهنجي دور ۾ نون نوٽن جي چڪر ۾ اوترائي پئيسا ڇاپيا جيترا نوٽ خزاني ۾ موجود هيا ۽ ان شرط تي ته جيستائين پراڻا نوٽ مارڪيٽ مان واپس ونون تيستائين حڪومت اوترا نوان نوٽ ساڳين نمبرن سان ڇاپي مارڪيٽ ۾ پئيسو آڻي ۽ جام پئيسي جي ڪري ترقياتي بجيٽ جي نالي جا پئيسا عام جام ٿي پيا. ان ڪري ترقياتي بجيٽ جي عام ٿيڻ سان صنعتون ۽ مارڪيٽ زور وٺندو آ معني جيڪي به روڊ رستا، اسڪول، سرڪاري عمارتون، پليون يا ٻئي اهڙي ئي نوعيت جا ترقياتي ڪم جڏهن عام جام هلندا ته ماڻهن ۾ خوشحالي ايندي ۽ پئسو مارڪيٽ ۾ ڀيٽو چئوٽو ٿي پوندو آ. صنعتون زور وٺنديون. ان ڪري عمران خان به اهي سڀ اوزار تيار ڪري ورتا هيا پر اسٽيٽ بئنڪ جي هٿن مان نڪري وڃڻ جي ڪري يا اوگرا جي خودمختياري ڳچيءَ ۾ پئجي ويس ۽ ساڳي ويڏن هن سرڪار سان به آهي ته هنن جي هٿ وس ڪجهه به ناهي ۽ رهندو ڪندو سڪوڪ ٻانڌڻ جي ڪري آءِ ايم ايف جي شرطن جي ڪري، 700 ارب روپين جا نوان ٽيڪس مڙهڻ جي ڪري يا ادارا خانگائڻ واري فرمائش ۽ ادارا گروي رکڻ جي ڪري هي به ٻه واٽي تي قاتل آهن يا ذبح ۾ قاتل آهن ان ڪري هي جيترا ڏکيا فيصلا ڪندا اوترو هنن جو گراف ڪري پوندو يا اڃان ان نور ڪان به ويندا. ان ڪري ته اهڙا ابتاسبتا ڪم ڪري عمران خان جي سياست هڏي وٺي يا اهڙن غير مقبول فيصلن جي ڪري عمران خان پنهنجي سياسي گاڏي نه هلائي سگهيو ته پوءِ اهي سڀ ڪم ڪري شهبازشريف سياسي پرواز ڪيئن ڪري سگهندو. ان ڪري مريم نواز پلي سڄو ڏينهن اسڪرين تي ويهي يا سڄو ڏينهن پلي عمران خان کي موالي چئي يا پنهنجي "فيمنسٽ سياست" جا دائرا رڳو پنجاب جي شهرن تائين رکي. پر نون ليگ اها ڳالهه پلي پٽ سمجهي ٿي ته ائين ڪري هيل اهي 14 مئي تي ٿيندڙ ضمني چونڊون رهڙي ويندا يا ان صورت ڪٽي ويندا جو اهي سڄو ڏينهن اينٽي عمران سياست ٿا ڪن يا سڄو ڏينهن جيترو برو پلو عمران خان کي ٿا چون يا سمجهن ٿا ته ائين ڪرڻ سان هنن جي ڪيل فيصلن کي عوام وساري ڇڏيندو ته اها نون ليگ جي ڀل آ يا هيل جنهن سياسي ميرٽ ۽ ڪارڪردگيءَ تي اهي پارٽيون پاڻ آزمائي ڪنديون يا زور آزمائي سوڀاريون ٿينديون. پر هاڻي اهو هنن جو ايندڙ عام چونڊن جي لاءِ امتحان به هوندو يا خاص ڪري نون ليگ جو ۽ ڪي پي جي اندر پي ٽي آءِ

جو ان ڪري پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ جيڪي ڪي پي ۾ ڦاڙها ماريا آهن اهي سيني ڏٺا. ان ڪري هيل سياسي پارٽيون پنهنجي دم ۽ خم تي چونڊون جي ڪتي آيون ته وڏي ڳالهه هوندي يا هن دفعي انهن پارٽين کي ڪنهن به فوجي اسٽيبلشمينٽ جي ٻي ساکين جي آسري جي آچ ناهي يا هيل جيڪي به ڪنديون اهو انهن جي پنهنجي سياسي ڪمن يا نڳين جو نتيجو هوندو اها بي ڳالهه آ ته طالبان جي رسي نڪرڻ ڪانپوءِ ڪي پي جي اندر 14 مئي تي ٿيندڙ چونڊن جا نتيجا ڪجهه مختلف هوندا.

يا عمران خان جي غير سنجيده سياست جو نتيجو اهو به نڪتو جو هن شخص وٽ دور انديشي ناهي ته جي هي اعلان ٿو ڪري ته آمريڪا مرده آباد يا اسرائيل تي لعن طعن ٿو ڪري يا ڊينمارڪ يا فرانس جي خلاف ڪجهه به چئي ٿو ته ان جو سڌو سنئون اثر هن پنهنجي سياست تي ٿو پئي يا لانگ مارچ يا شارٽ مارچ يا اسيمبلين ٽوڙڻ واري ڳالهه به رياست سان گڏ هن جي ڳچيءَ ۾ پنجي وئي. ان ڪري جنهن ملڪ جي ماڻهن وٽ اٽي لٽي ۽ اجهي جي همت ناهي يا جيڪا رياست روز روز اهو اعلان ٿي ڪري ته اڄ پيٽرول ۽ ڊيزل جا ذخيرا ختم ٿي ويا آهن يا جيڪا رياست اهو سوچي هاڻي ڪان ٿي ٽال مٽول ۾ لڳي پئي آ ته الله ڪري اليڪشن ملتوي ٿئي يا اهڙو بهانو ملي جنهن ۾ عام چونڊون نه ڪرائي سگهجن. پر بجيٽ ڊيفيسٽ جي ڪري هن سرڪار يا رياست جي مٿان هاڻي هروڀرو پنجاب جي ضمني اليڪشن جو بار وجهڻ مناسب نه هيو.

چو ته سڄي ملڪ ۾ جي عام اليڪشن ڪرائي وڃي ته اٽي 50 ارب کان به مٿي جو خرچ ٿو ٿئي ته اٽي ٻن صوبن معني پنجاب ۽ ڪي پيءِ ۾ اڌ جيترو ته خرج ضرور ايندو هوندو. ان ڪري عمران خان جي اهڙي سياست ملڪ کي اڃان به ڏچي ۾ وجهندي يا ملڪ ان نور کان ٿي ويندو. يا هاڻي ته ملڪي سيڪيورٽيءَ جي خدشن سبب اها ڳالهه به ڳوري ٿي پئي آ جنهن ۾ بلاول پٽي، عمران خان ۽ مولانا فضل الرحمٰن کي جاني نقصان جون ڌمڪيون ٿيون ملن ته اٽي حڪومت اليڪشن ڪيئن ڪرائي سگهندي يا حڪومت جي انڌ جي اها به ڳالهه ڪجي ته جيڪا آدمشماري 2017 ۾ ٿي ته اها وري ايندڙ آدم شماري وري 2027 ۾ ٿي ٿئي هان سا هاڻي ڪيئن ممڪن ٿي يا ناٽي جي ڪوٽ جا سبب يا بهانا پنهنجي جاءِ تي پر ڳالهه ته وري به ڳچيءَ ۾ ضرور آهي ته هي سرڪار انهن سيني معاملن کي ڪيئن ڏسندي جنهن ۾ سڀ کان وڏو چيلينج پنجاب ۾ ضمني اليڪشن ڪرائڻ هوندو يا سيڪيورٽي جا مسئلا پنهنجي جاءِ تي. پر عمران خان سميت انهن سيني کي پارٽين کي هاڻي ميچوئر سياست ڪرڻي پوندي. جو ته ملڪ هاڻي به واٽي تي ضرور آهي جنهن ۾ ڊفالٽ ته پنهنجي جاءِ تي. پر جي سيڪورٽي جا مسئلا وڌي ويا ته رياست پوءِ ڪنهن کي منهن ڏيندي جو ته هتي هر ٻئي ڏينهن تي سياسي پارٽيون ڪنهن نه ڪنهن اليڪشن جي بهاني جهنڊا ڪنئيون روڊن تي بيٺون هونديون آهن ان ڪري سياستدان کي ميچوئر ٿيڻو پوندو ۽ بهترين سياست ڪرڻي پوندي نه ته ملڪ جو نقصان پرڻ جهڙو نه هوندو

جِئَن جُهڳا پائِيين جهولَ ۾، اِئَن نه مَرَنِ مَڃَّ:
سَبَرَ ذارِ سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون رَڱِيُون رَڃَّ:
هِي چارُون ۽ چِڃَّ، اچا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

مذهب ۽ ملڪي قانون ۽ مسئلا

خاصخيلي لطيف راولاٽي

اسان جي ملڪ خاص طور تي هن پياري پاڪستان جنهن کي اسلامي جمهوريه پاڪستان به چون ٿا ۽ لکن به ٿا پر هتي نه ئي اسلام تي عمل ٿئي ٿو ۽ نه ئي جمهوريت تي نظر وڃي ٿي جڏهن کان هي ملڪ ٻن قومي نظرين هندو ۽ مسلم جي بنياد تي ٺهيو آهي ته هتي مسئلا ئي مسئلا پيدا ٿيا آهن پر اڄ ڏانهن تائين ڪو به ملڪي حڪمران انهي مسئلي کي سنجيدگي سان نه ورتو آهي ۽ اهي ننڍا ننڍا مسئلا اڄ وڏي وڻ ٿي ويا آهن جو انهن کي هاڻي روڪي به نٿو سگهجي ملڪ ۾ جيڪي به قانون ٺهندا آهن اهي بارهين سياسي دٻاءَ تحت ئي حل ٿيندا آهن خاص طور تي هتي مذهبي مسئلا گهڻا ٿيندا آهن ۽ اهي جنوني ۽ جهالت جي ور چڙهيو وڃن ۽ انهن کي ان بنياد تي ئي حل ڪيو ويندو آهي ان ۾ ڪابه سنجيدگي ۽ قانون جو استعمال ڪونه ٿيندو آهي اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ماڻهن جا پاڻ ۾ رنجش ۽ تڪرار هوندي آهي ته ان کي بنيادبڻائي ان کي مذهبي رنگ ڏيئي ڪري مسئلي کي حل ڪرڻ جي بجاءِ اڃان به وڌيڪ ان جي تشريح ڪري وڌايو ويندو آهي جيئن اهو مسئلو اڃان به وڌايو وڃي ماضي جي ٿيل واقعن تي نظر ڊوڙائينداسين ته اسان جي معاشري ۾ اهڙا تمام گهڻا واقعا رونما ٿيا آهن جيڪي سڀ ذاتي مسئلن تحت ٿيا هئا پر ان کي مذهبي رنگ ڏيئي اڀاريو ويو جن جا نتيجا انتهائي خوفناڪ ۽ خطرناڪ ثابت ٿيا ۽ اڄ ڏينهن اهڙا واقعا ٿي رهيا آهن رياست جو انهي ۾ ڪوبه ڪردار ڪونهي اهو خاموش تماشائي وانگر سڀ ڪجهه ڏسندو رهي ٿو ان جا نتيجا تمام خراب ۽ نقصانده نڪرن ٿا جن ۾ خاص طور تي سريلنڪا جي رهواسي فئڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ انجنيئر ۽ مڇر ڪالوني ۾ ٻن سنڌي نوجوانن جو بيگناهه قتل عام سر فهرست آهن قانون جو عمل دخل نه هئڻ ڪري اهڙا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ اسان جي ملڪ جو قانون ۽ ان جي رکوالي ڪندڙ حڪمران ۽ ادارا مڪمل طور تي خاموش آهن جو اهي انهن جي خلاف ڪوبه قانون نه پاس ڪرائي سگهيا آهن رياست اندر رياست ٺهيل آهي سياسي ۽ مذهبي جماعتن انهي کوکلي قانون کي يرغمال ٺاهي ڇڏيو آهي ڪوبه شريف ماڻهو پنهنجي ئي گهر ۾ محفوظ ڪونهي مذهب رياست ۽ قانون جو پاڻ ۾ ڪوبه ڳانڍاپو ڪونهي چڙوانگي حد کان وڌي وئي آهي واضح رهي ته انساني حقن جي پڌرنامي ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي مذهبي آزادي هوندي آهي ته هو مسجد مندر ڪليسا ۽ گرجا ۾ وڃي عبادت ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي دين جي به پرچار ڪري سگهي ٿو حڪومت جي انتظامي نظام ۾ مذهبي رواداري هوندي آهي اقليت جون سيٽون اسيمبلي ۾ هونديون آهن انهن سيني قاعدن قانون جي هوندي به قانون تي عمل ڪونه ٿو ٿئي هتي پنهنجا هٿ ٺوڪيل قانون ٺاهيا وڃن ٿا ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ ٺٽي جي جامع مسجد ۾ ويڊيو ۽ تصوير ڪڍڻ تان واقعو رونما ٿيو آهي جيڪي عام شهري هٿان جي جڳهه تي اعڪن عملدار ۽ فلمي ڪمپني جا ماڻهو ويڊيو ۽ تصويرون ڪڍرائين ها ته اهڙو ممڪن نه مڃي ها رياست جو قانون سيني جي لاءِ هڪجهڙو هئڻ گهرجي پر هتي ائين ڪونهي جيڪو ڏاڍو سو ڳاٻو وارو قانون لاڳو آهي انهي سڄي مسئلي ۾ ٺٽي جي انتظاميه ۽ رياست جو قانون خاموش آهي مذهبي تنظيمون ان جي خلاف مظاهرا جلسا جلوس ڪري رهيا آهن جنهن سان امن امان جو مسئلو به پيدا ٿي سگهي ٿو جو اسان وٽ اڃان شعور ۽ سڃاڻي جي کوٽ آهي جنونيت ماڻهن جي دل ودماغ تي ڇانئجي وئي آهي تازو هڪ ٻيو مذهبي واقعو رونما ٿيو آهي سنڌ ۾ هندو سنڌي نارين جو مسئلو جيڪو انتهائي نازڪ ۽ ڏکائيندڙ مسئلو آهي جنهن مسئلي ۾ به رياست جو قانون خاموش آهي اهڙا واقعا پوري دنيا ۾ ٿين ٿا ته ڪنهن مذهب کان متاثر ٿي ڪري پنهنجو مذهب ڇڏي ٻيو مذهب اختيار ڪرڻ اها ڪا خراب ڳالهه ڪونهي هر انسان کي مذهبي آزادي آهي خاص طور تي اسلام ۾ جبر جو ڪوبه تصور ڪونهي ان ڪري ئي دنيا جي ڪافي ملڪن ۾ انسان مسلمان ٿين پيا ۽ اهو عمل جاري آهي ۽ ان تي اتي جي ملڪ مطابق قانون تي عمل به ٿئي ٿو پر هتي خاص طور تي سنڌ ۾ قانون تي عمل ڪونهي انهي ڏس ۾ رياست ۽ قانون کي اڳتي اچڻ گهرجي جو مذهب جي تبديلي تي ڪو وڏو ممڻ نه مچي ۽ انهي مسئلي کي قانوني طريقي سان حل ڪيو وڃي هتي شريعت ۽ اسلامي قاعده قانون موجود آهن وڏا عالم دين مفڪر تفسير ڪندڙ ڏاها موجود آهن انهن کان به اهڙن مسئلن تي رهنمائي وٺي سگهجي ٿي مسلمان ٿيڻ ڪو ڏوهه ڪونهي هر ڪنهن انسان کي مذهبي آزادي آهي چاهي اهو ڪهڙي به مذهبي گهر ۾ پيدا ٿيو هجي اهڙو ڪو آسان طريقو ٺاهيو وڃي جو مذهب تبديل ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي پنهنجو گهر ۽ خاندان ڇڏڻو نه پوي پنهنجي ئي گهر ۾ رهندي مذهبي رواداري قائم ڪئي وڃي ته جيئن اهڙا مسئلا پيدا نه ٿين جن سان حالتن خراب ٿيڻ جا انديشا ٿين ملڪ جي قانون کي فوري طور تي حرڪت ۾ اچڻ گهرجي. سنڌي سماج ۾ جيڪي به ريتون رسمون ۽ طور طريقا صدين کان رائج آهن اهي اسلام کان اڳ جا آهن ۽ اڃان تائين ان تي بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي عمل ٿي رهيو آهي خاص طور تي اسان جي شادين ۽ موت جي موقعي تي جيڪي به رسمون ٿين ٿيون اهي قديم دور کان هلنديون اچن جيئن جو تيئن ان تي عمل ٿي رهيو آهي ان تي ڪابه روڪ ٽوڪ ڪونهي نوري ۽ ناري جو ڳيئڙا جهان ۾ ٻري جن ٻاري آ نه جيئندس ان ري جيستائين هن ملڪ ۾ قانون تي عمل ڪونه ٿو ٿئي تيستائين هتي اهڙا عمل ٿيندا رهندا.

بقايا 01

ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين قيصر احمد شيخ جي سربراهيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ قانون واري وزير نذير تارڙ، اٽارني جنرل، ڊاڪٽر رميش ڪمار، علي پرويز ملڪ ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي. جڏهن ته اسٽيٽ بئنڪ جو وقتي گورنر پڻ اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. اسٽينڊنگ ڪميٽي کي آگاهي ڏيندي قانون واري وزير چيو ته

تان بار گهٽائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي سنڌ ڪابينا ۾ پيپلز بس سروس جا ڀاڙا وڌائڻ جي ايجنڊا آئي ته سنڌ جي وڏي وزير بسن جي ڀاڙن ۾ واڌ واري ايجنڊا کي ملتوي ڪندي چيو ته ان تي سبسڊي سنڌ حڪومت برداشت ڪندي هن چيو ته ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ بسن جي ٻن روٽس جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. سيائي (اڳاري) کان اليڪٽرڪ بس سروس جو ڪيون روٽ شروع ڪيو پيو وڃي جيڪو پاور

به عدالت سان ناهيون وڙهيا ۽ نه ئي عدالتن خلاف سازشون ڪيون آهن. هن چيو ته افتخار چوڌري تي اسان کي 100 تحفظات هئا پر سندس بحالي لاءِ جدوجهد ۾ سڀ کان وڏو ڪردار پاڪستان پيپلز پارٽي ادا ڪيو. بم ڌماڪي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪارڪن شهيد ٿيا. پر اها ئي سپريم ڪورٽ آهي، جتان پاڪستان پيپلز پارٽي کي انصاف نه مليو هڪ ذهنيت آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ڪيو ويو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت ٻه ڀيرا ختم ڪئي وئي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو سپريم

معاملن واري وزير مفتي عبدالشڪور کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته مفتي عبدالشڪور انتهائي ايماندار ۽ سلجهيو انسان هو. اسان موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي ڪابينه ميمبرن جون پگهارون سرنڊر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مفتي عبدالشڪور مون کي چيو ته منهنجو هن پگهار کان سواءِ گذارو ممڪن ناهي. گذريل سال حج جا بهترين انتظام ٿيا جنهن جو ڪريڊٽ مفتي عبدالشڪور ڏانهن وڃي ٿو

بقايا 05

سجدو ڪري نفل ادا ڪرڻ سان گڏ قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ ٻين عبادتن ۾ مصروف رهيا ۽ الله رب العزت کان پنهنجن گناهن جي معافي سان گڏوگڏ ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ دعائون گهرندا رهيا.

بقايا 12

خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جو فيصلو آئيني نوعيت جو آهي. ڳالهيون آئين جي دائري ۾ رهي، اندرون ٿينديون. 90 ڏينهن چونڊون آئين جي شق آهن. اسان ان تي لچڪ نه ٿا ڏيکاري سگهون ملتان ۾ ميڊيا سان

ورتا. هن چيو ته لاهور ۾ هڪ سوڪالهه گول ميز ڪانفرنس ٿي. اهڙي گول ميز ڪانفرنس کي رد ڪريون ٿا. هارون الرشيد چيو ته اسان جو پرامن مطالبو ته پاڻمرادو نوٽيس تي اپيل جو حق ڏنو وڃي. هن چيو ته سمورن صوبن ۾ وڪيلن کي ايڪٽو ڪنداسين 29 تاريخ تي ڪوئٽه ۾ لائرز ڪنوينشن منعقد ٿيندو. عدالت حڪم امتناع واپس نه ورتو ته احتجاج جو سلسلو جاري رهندو ان سلسلي ۾ سيائي سڄي ملڪ ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو.

بقايا 18

بقايا 21

جي تقريب هلندڙ سال (2023ع) ڊسمبر ۾ منعقد ڪئي ويندي. هي ايوارڊ اسلامي دنيا جي بهترين چونڊيل عورت وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو سان منسوب ڪيو ويو آهي. جنهن به ٻيرا پاڪستان جي وزيراعظم طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته 2008 ۾ گڏيل قومون باران ٻڻ هڻ ۽ کي سندس شهادت بعد انساني حقن جي شعبي ۾ مڃتا طور ايوارڊ ڏنو ويو هو. سنڌ جي وڏي وزير جي انساني حقن

ويو اينٽي ڪرپشن پنجاب زرتاج گل، سندس مڙس همايون رضا آخوند، ايڪسيئن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊي جي خان، ايس ڊي او پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊي جي خان، سب انجنيئر لاڳاپيل اسڪيمز پبلڪ هيلٿ ڊي جي خان کي 19 اپريل تي صبح 10 وڳي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 25

جي جسٽس شاهد بلال حسن جي سربراهيءَ ۾ 2 رڪني بينچ 1990 ۽ کان 2001 ۽ تائين جي توشه

بقايا سنڌيار 01

